# تمر جي وڻڪاري

# انتظام ڪاريءَ جي تربيت





UNDP

gef

The GEF Small Grants Programme
GEF

SRO

# فهرست

1. پيش لفظ - مسعود لوهار
2. مهاڳ - غلام حسين خواجه

- تمر جي وڻڪاري ۽ انتظام ڪاري جي تربيت
- تمر جا ماحولياتي ۽ معاشي فائدا
- تمر جي تحفظ انتظام ۽ سارسنڀال بابت حڪمت عمليون
- علائقي جي مالڪي ۽ استعمال ڪرڻ جا دعويدار
- وڻڪاريءَ جي نظرداري ۽ سارسنڀال

تمر جي وڻڪاري ۽ انتظام ڪاري جي تربيت جو هي ڪتابچو،
يو اين ڊي پي، جيف، سمال گرانٽس جي سهڪار سان
ساحلي علائقي جي ترقي لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي ڀلائي جي اداري
سنڌ ريڊيئنٽ آرگنائيزيشن SRO پاران ڇپايو ويو.

سهيڙيندڙ:
غلام حسين خواجا
غلام رسول ڪتري

مترجم:
سيد مظفر شاهه بخاري

# پيش لفظ



دنيا جي ۾ قدرتي وسيلن/خاص طرح ٻيلن جي رَک يا بچاءُ لاءِ هلندڙ رِيت اِها آهي تہ اُتي جا رهندڙ ماڻهون رضاڪارانہ طور ٻُک ڪتين، پر قدرتي وسيلن مان ڪو فاعدو حاصل نہ ڪن. اِن طرح جي حڪمت عملي هڪڙي طرف مقامي ماڻهن کي فراريت يا لاغرضي ڏانهن ماعل ڪري ڇڏيو آهي تہ ٻي طرف مافيائن کي هٿي ڏني آهي تہ اُهي پنهنجن هٿ ڪنڍن ذريعي ٻيلا ڪٽي ڪائي ڪپائي وڃن. نتيجو اسان جي سامهو اِهو آهي جو اسان جي جهنگ-جُوءِ (Forest Cover) رڳو وڃي 2.3 في سيڪڙو رهي آهي. اها 18 ڪروڙ ماڻهن جي آبادي واري هن دنيا جي پنجين ملڪ لاءِ سُٺي خبر ناهي.

يو اين ڊي پي جيف سمال گرانٽس پروگرام پاڪستان پنهنجي حڪمت عملي بدلائي مقامي ماڻهن يا ٻيلن ۾ رهندڙ راڄن کي ترغيب ڏئي، سندن تربيت ڪري ڪانئن ٿي ٻيلن جي پوکائي ۽ رَک جي ڪم ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو آهي. نتيجو ٻين ڪيترن ڪاميابين کان علاوه ڪاجهر، واڙي ۽ سنهڙي ڪريڪ ۾ مقامي راڄن جهڙوڪ ماهيڙ ۽ فقيراڻي جتن کان تمرن جي پوکائي ڪرائي، سندن تربيت ڪري ۽ ڪين پاڻ ۾ نيٽورڪ ٺاهي تعاون سان ڪم ڪرڻ جي همت ڏياري آهي. هاڻ تہ پوکيل تمر اڇي اُرهي کي پهتا آهن. جس لهڻن اسان جون ڀاڱي ڀائيوار تنظيمون جن ۾ همدم فائونڊيشن، بحرالسنڌ فائونڊيشن، سنڌ ڪوسٽل ڊولپمنٽ سوسائٽي، شاهبندر ڊولپمنٽ سوسائٽي شامل آهن.

هي تربيتي ڪتاب سنڌي زبان ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون جامع ڪم آهي. انڊس ڊيلٽا جي سيني ڪريڪن ۾ رهندڙ راڄن جي نمائنده نوجوانن کي هڪ ڀرپور تربيت پڻ ڏني پئي وڃي. جيڪي اڳتي هلي هڪ ڪوآپريٽو اداري طور پاڻ ۾ گڏجي پوکائي ۽ رَک ۾ هٿ ونڊائيندا.

اسان کي اميد آهي تہ SRO تنظيم طرفان هي تربيتي ڪورس ٻين ادارن کي بہ فائدو ڏيندو.

ساٿ سلامت

**مسعود لوهار**

يو اين ڊي پي جيف سمال گرانٽس پروگرام

# مهاڳ



غلام حسين خواجه

## تمر جو وڻ، ساهوارن جو سڄڻ

گهڻا زمانا اڳ، يونان جي ڏاهي سُقراط چيو هو تہ ”فطرت سان هٿ چراند ڪرڻ پنهنجي زندگي سان هٿ چراند ڪرڻ آهي.“ اها ڳالهہ تنهن زماني ۾ صحيح سمجهي ويئي هجي يا نہ، پر هن دور ۾ ڌرتيءَ جي گولي جي وڌندڙ گرمي پد (Global warming) ۽ ان سبب پيدا ٿيندڙ غير رواجي موسمي تبديلين (Climate change) اسان کي سقراط جا اهي لفظ نہ رڳو ياد ڏياريا آهن پر ماحولي تبديلين جي حوالي سان اهي سورنهن آنا سچ ثابت ٿي رهيا آهن.

ڌرتيءَ تي، فطرت جي هر قسم جي ماحولي سرشتي (Ecosystem) ۾ پلجندڙ سڀ جاندار (Biotic) وٿون ڪري جهڙوڪ ٻوٽا، جانور ۽ ننڍ جيو (Microbes) تہ سمنڊن، ندين، نين، پهاڙن، پوٺن، رڻپٽن ۽ فضا وغيره جي روپ ۾ بي جان نظر ايندڙ (Abiotic) وٿون بہ هڪجيترين اهميت رکن ٿيون. ڌرتيءَ تي قائم فطري منڊل يا نظام (جنهن کي اسان ماحول چئون ٿا) ۾ هٿرادو ڦيرڦار يا ٽوڙڦوڙ هٿ چراند هن ماحولي تاڃي پيٽي کي ڏانوا ڏول وجهي ٿي. اڄ جو انسان ماحول سان هٿ چراند جا نتيجا بي وقتي مُندن، ڏُڪارن، ٻوڏن، سهسين قسمن جي بيمارين ۽ ڪارائتن ٻوٽن ۽ جانورن جي نسلن جي اٽليءَ فنا ٿي وڃڻ (species extinction) جي روپ ۾ ڀوڳي رهيو آهي.

عالمي سطح تي ٿيل ماحولي ڦيتاڙي سبب وڌندڙ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ هن ڌرتيءَ تي انساني وجود قائم رکڻ لاءِ هر طبقي سان واسطو رکندڙ ماڻهوءَ لاءِ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ هو نہ رڳو ماحولي نظام جي نازڪ توازن بابت پنهنجي سوچ، سمجهہ، علم، عقل ۽ ڏاهپ کي وڌائي تہ گڏوگڏ ان جو اهڙيءَ ريت تحفظ، سارسنڀال ڪري ۽ فڪرمند ٿئي جهڙيءَ ريت ڪيس پنهنجي حياتيءَ جو اوو هوندو آهي. حقيقت ۾ اسان کي پاڻ کان بہ وڌيڪ ماحول جي سنڀال جو اونو ڪرڻ جڳائي، ڇو تہ صحتمند ماحولي توازن جو برقرار رهڻ نہ رڳو اسان جي لاءِ پر ايندڙ نسلن سميت هن ڌرتيءَ تي پلجندڙ سموري حياتيءَ جي بقا لاءِ هاڻي ضروري ٿي پيو آهي.

اڳاٽي زماني کي ڇڏي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ سامونڊي ڪناري واري علائقي ۽ سنڌوءَ جي ڪڇن ۾ ٿيندڙ ڪيترن ئي وڻن، ٻوٽن جا اُهي نسل ئي ختم ٿي چڪا آهن جن جو ان زماني ۾ ذڪر ملي ٿو. ڪنهن زماني ۾ سنڌ ۾ ڪپهہ جو هاٿوڪو ٻوڙهو نہ پر وڻ ٿيندو هو. شاهہ لطيف تڏهن ئي مختلف ڳالهين جا خدشا محسوس ڪندي چيو هو تہ:

”نہ سي ونئڻ وڻن ۾، نہ سي ڪاتاريون، - پسيو بازاريون، هينئڙو ۾ لوڻ ٿيئي.“

تمر جو وڻ جنهن لاءِ پراڻي چوڻي آهي تہ ”تمر آهي ساهوارن جو ثمر“. سنڌ جي سامونڊي علائقي ۾ (جيڪي هاڻي بلوچستان ۾ سامونڊي ڪنارا آهن سي ڪجهہ سو سال اڳ ۾ تائين سنڌ جا سامونڊي ڪنارا هئا) تمر جا ٻيلا دنيا ۾ مشهور رهيا آهن. تمر هڪ اهڙو قيمتي ۽ جيوَ دوست وڻ آهي جنهن جو نہ رڳو ڪاٺ وغيره ڪارائتو آهي پر ان جي پناهہ گاهن ۾ ڪيتري جيوت نپجي، پلجي ۽ واڌ ويجهہ ڪري ٿي. ان حقيقت کان ڪوبہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهي تہ سنڌ جي سامونڊي ڪناري واري علائقي ۾ اهي تمر جا ٻيلا لڳاتار گهٽجي رهيا آهن. ان جي گهٽجڻ سان انهيءَ علائقي ۾ وڏي ماحولياتي تبديلي آئي آهي. نہ رڳو تمر جي ڪاٺ ۾ گهٽتائي آئي آهي پر تمر جي وڻن جي پناهن ۾ جهينگي، مڇي وغيره ۾ بہ گهٽتائي آئي آهي.

هي ڪتاب ”تمر جي وڻڪاري ۽ انتظامڪاريءَ جي تربيت“ ان ڏس ۾ هڪ اهم ۽ بنيادي سائنسي ڪتاب آهي. ڪتاب ۾ تمر جي ٻوٽن جي حوالي سان بنيادي ۽ ڪارائتي ڄاڻ (پاڪستان ۾ تمر جي ايراضي ۽ پکيڙ، تمر مان ماحولياتي ۽ معاشي فائدا، تمر کي خطرا، تمر جو تحفظ ۽ سارسنڀال، تمر جي وڻڪاري ڪرڻ وغيره) ڏني ويئي آهي. هي ڪتاب سائنسي اصولن تي ٻڌل تربيتي ڪتاب آهي. منهنجي خيال ۾ اسان جي ملڪ جي ماڻهن لاءِ هن قسم جي تربيتن ۽ سکيا وارا پروگرام تمام ضروري آهن. هي هڪ اهڙي وک آهي جيڪا ماحول سان لاڳاپيل ٻين ميدانن ڏانهن بہ وڌائڻ گهرجي.

# تمر جي وڌڪاري ۽ انتظام ڪاري جي تربيت

## تمر ڇا آهي؟

تمر هڪ اهڙو وڻ يا ٻوٽو آهي جيڪو جهڳٽن يا ٻيلن جي شڪل ۾ درياهہ جي ڇوڙ وارن اهڙن علائقن ۾ ٿئي ٿو جتي ڪاري ۽ مٺي پاڻيءَ جو ميل ٿئي ٿو ۽ اتي پاڻي تانگهو ۽ ٻاڙو يا هلڪو لوڻياٺو هوندو آهي. درياهہ پاڻيءَ سان گڏ جيڪا انتهائي زرخيز مٽي يا ترو/ريت آڻي ٿو ان جي ڪري ان تانگهي ۽ هلڪي لوڻياٺي پاڻيءَ جي تري ۾ گپ ٿئي ٿي انهن علائقن ۾ اڪثر تمر جا ٻيلا نظر اچن ٿا ۽ اهي علائقا تمر جي وڻن جي اسرڻ ۽ نسرڻ لاءِ بهترين سمجهيا وڃن ٿا. تمر جو پهريون ۽ سڌو ماحولياتي اثر تہ آبي مخلوق تي پوي ٿو ۽ ان جي واڌ ويجهہ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو پر ان جو ساحلي علائقن جي ماحول ۽ جاندارن تي بہ بهتر سماجي ۽ طبعي اثر پوي ٿو.

حياتياتي حوالي سان تمر جا 47 اهڙا قسم آهن جن کي حقيقي تمر چئي سگهجي ٿو ۽ ان سان گڏ ٻوٽن جا اهڙا 26 ڪٽنب آهن جيڪي تمر سان جڙيل آهن (ميلانا ۽ گونزاليس 1996ع). حقيقي تمر جا وڻ تہ ٺهڪندڙ ماحول اندر پئدا ٿين ٿا جڏهن تہ ان سان جڙيل ٻوٽن جا ٻيا ڪٽنب تمر جي ٻيلن، ساحلي ۽ هيٺانهن علائقن ۾ ٿين ٿا.

تمر جا ٻيلا جڻ تہ ساحلي پکين، کير پياريندڙ جانورن (پولڙن، ڪوئن وغيره)، سرندڙ نانگ بلائن، سپن ۽ ڪوڏن، سخت خول وارن آبي جانورن (ڪچون، ڪيڪڙن وغيره)، سانن، مڇين ۽ جيتن جي تحفظ ۽ واڌ ويجهہ لاءِ ئي وجود ۾ آيا هجن.

دنيا جو وڏي ۾ وڏو تمر جو ٻيلو پاڪستان جي گرم آبهوا ۾ ٿئي ٿو. تاريخي طور تي ڪنهن دور ۾ انڊس ڊيلٽا جي 160,000 هيڪٽرن کان مٿي ايراضيءَ ۾ ٿيندڙ تمر هاڻ گهٽو گهٽجي ويو آهي. پاڪستان ۾ ٿيندڙ جملي تمر جي ٻيلن جو 97 سيڪڙو انڊس ڊيلٽا ۾ ٿئي ٿو، جيڪو پرديسي پکين جي لاءِ هڪ انتهائي اهم اڏام — گس (Flyway) پڻ آهي. بلوچستان ۾ تمر ٽن ماڳن مياڻي هور، ڪلمات هور ۽ گواتر بي ۾ ٿئي ٿو، جيڪي پاڪستان ۾ ٿيندڙ جملي تمر جو رڳو 3 سيڪڙو آهن.

ڪنهن دور ۾ پاڪستان ۾ تمر جون اٺ جنسون ٿينديون هيون، جن مان هاڻ رڳو چار جنسون اويسينا مئرينيا (Avicenna Marina)، رائزو فورا مڪرونئٽا (Rhizophora mucronata) سيروپس ٽئگل (Ceriops tagal)، ۽ ائجيسيريئس ڪارنيڪيولئٽم (Aegicerias Conrniculatum) ٿين ٿيون جن ۾ وري 95 سيڪڙو اويسينا مئرينا ٿئي ٿي. تمر ڪيترن ئي قسمن جي سامونڊي جاندارن جي واڌ ويجهہ ڪرڻ ۽ پرديسي پکين لاءِ واهيري ڪرڻ جو ماڳ ٿئي ٿو. تمر سامونڊي ڪناري ۽ گوديءَ / بندرگاهہ کي کاڌ کان بچائي ٿو، مقامي آبادين کي ٻارڻ لاءِ ڪاٺي ۽ مال لاءِ چاري مهيا ڪرڻ سميت سامونڊي پٽيءَ سان آباد 10,250,000 (سنڌ ۾ اٽڪل 10 ملين ۽ بلوچستان ۾ 0.25 ملين) انسانن کي پيٽ گذر جون سهوليتون فراهم ڪري ٿو. تمر جا ٻيلا، سامونڊي طوفانن ۽ واچوڙن لاءِ روڪ، مڇي، گانگٽن ۽ ڪيڪڙن لاءِ نرسريون ٿين ٿا، جن کي زندگي جو لازماً هڪ حصو تمري ماڳ ۾ گذارڻو پوي ٿو.

## سامونڊي ڪنارن سان تمر جي پکيڙ

جديد سائنسي بنيادن تي ڪيل جائزي مان خبر پيئي آهي تہ پاڪستان جي سامونڊي ڪنارن سان، تمر جا ٻيلا اندازاً 86,728 هيڪٽرن 214,303 ايڪڙن) ۾ پکڙيل آهن، جن مان سنڌ ۾ 95 سيڪڙو يعني 82,669 ايراضيءَ ۾ (اٽڪل 204,276 ايڪڙ) تہ بلوچستان ۾ 4.7 سيڪڙو يعني مڪران جي ساحل سان 4,058 هيڪٽرن (10,028 ايڪڙن) ۾ پکڙيل آهن (ڊبليو ڊبليو ايف — پاڪستان، 2006).

هن وقت انڊس ڊيلٽا جو تمر مختلف انساني سرگرمين سبب گهڻي دٻاءَ ۾ آهي. انڊس ڊيلٽا جي تمر ۾ مجموعي طور تي 1.2 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي، جڏهن تہ ڪراچي پرسان واڌارو ٿيندي ڏٺو ويو آهي. ڪيٽي بندر جي تمر ۾، جيڪو انڊس ڊيلٽا جو هڪ حصو آهي ان جي بچاءَ ڏانهن گهربل ڌيان نہ ڏيڻ ۽ انتظامي سنڀال نہ هجڻ سبب (اها زمين بورڊ آف روينيو جي انتظام هيٺ آهي ۽ ويسٽ لئنڊ / بيڪار / بنجر سمجهي وڃي ٿي) اندازاً 20 سيڪڙو گهٽتائي ٿي آهي.





## تمر جا ماحولياتي ۽ معاشي فائدا/ عمل

تمر جي ماحولياتي سرشتي جا ماحولياتي ۽ معاشي فائدا ۽ عمل ۽ انهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

- تمر جا ٻيلا ساحلي پاڻين ۾ مڇين، سانن ۽ ڪيڪڙن جي واڌ ويجهه جا اڏا آهن ۽ فشريز جي پيداوار ۾ به اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. لڳ ڀڳ هر ساهوارو جڏهن ننڍڙو ٻچو ۽ ڪمزور هوندو آهي ان وقت کيس محفوظ پناهگاهه جي ئي ضرورت هوندي آهي. انسان جي ٻچن، مڇين ۽ ٻين آبي ٻوڙي جهنگ جي جانورن جي ٻچن کي اسرڻ لاءِ اهڙي هنڌ جي ضرورت هوندي آهي جتي هو ٻين گوشت خور جانورن کان محفوظ رهي سگهن. رڳو اهي ئي ٻچا جوانيءَ تائين پهچندا آهن جيڪي پنهنجي محفوظ پناهگاهه ۾ هوندا آهن. کلي پاڻيءَ ۾ هلندڙ مڇيءَ جي ٻچن کي ٻيون وڏيون مڇيون کائي وينديون آهن. اهڙن ٻچن جي محفوظ پناهگاهه تمر جا اهي ٻيلا ئي هوندا آهن. تمر جو وڻ تمام گهاٽين ٽارين وارو هجڻ سان گڏ ڇنبدار پاڙن ۽ ٽارين وارو به هوندو آهي جيڪي وڏين مڇين کي تڪڙي حرڪت ڪرڻ کان روڪين ٿيون ۽ ننڍڙن ٻچن جو تحفظ ڪن ٿيون.
- تمر جا وڻ مڇين ۽ ٻين جانورن جي ٻچن جو نه رڳو تحفظ ڪن ٿا پر وڌڻ لاءِ مناسب خوراڪ به فراهم ڪن ٿا. اهو ڪاٿو لڳايو ويو آهي ته هڪ هيڪٽر تان تمر جا وڻ وڍڻ سان مڇيءَ جي پيداوار ۾ ساليانو 1.08 ٽن گهٽتائي اچي ٿي.
- تمر جا وڻ پن ۽ ٻيو ڪچرو به پاڻيءَ ۾ ڪيرائين ٿا جنهن مان انهن وڻن کي ۽ پاڻيءَ ۾ رهندڙ جانورن ۽ مڇين کي خوراڪ حاصل ٿئي ٿي. ڇڻيل پن ڳري اهڙا ٿي وڃن ٿا جو ڏسڻ ۾ به مشڪل سان ايندا آهن. انهن تي بئڪٽيريا ۽ سينور وغيره پيدا ٿي وڃن ٿا جيڪي آبي مخلوق جي خوراڪ بڻجن ٿا. هڪ هيڪٽر تمر جا ٻيلا ساليانو 3.65 ٽن اهو ڪچرو ۽ ساڙ پيدا ڪن ٿا.
- تمر جا ٻيلا ساحلي علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ ٻي مخلوق کي ڇولين، عام لهرن، جوارن ۽ سامونڊي طوفانن کان بچائين ٿا. تمر جا وڻ ۽ سندن ٽڙ هڪ واضح طبعي حد بنديءَ جو ڪم ڏين ٿا. انهن جون پاڙون ۽ ٽڙ خشڪيءَ کي سامونڊي ڪاٽ کان بچائين ٿا ۽ مٽيءَ کي سمنڊ ۾ وڃڻ کان به روڪين ٿا. ان سان گڏ تمر جي ڪري سامونڊي گاهه ۽ ٻيا ٻوٽا به جنم وٺن ٿا.
- تمر ڪاربان جي شڪل ۾ نامياتي ڦوڳ به پيدا ڪري ٿو ۽ اهو ڦوڳ سامونڊي علائقن کي نامياتي گدلاڻ کان بچائي ٿو. تمر 4200-1800 گرام ڪاربان في چورس ميٽر ساليانو پيدا ڪري ٿو (اهو لڳ ڀڳ ڪنهن برساتي ٻيلي جيترو ۽ کلي سمنڊ جي پيداوار کان ڏهوڻ تي وڌيڪ مقدار آهي.)
- تمر جهنگلي جيوت جي شوقينن لاءِ پکي ڏسڻ ۽ انهن جي مشاهدي جي هڪ تفريح گاهه به آهي. تمر جا وڻ مقامي ۽ پرڏيهي پکين کي نه رڳو پناهگاهه فراهم ڪن ٿا پر سندن نسل جي واڌ ۾ به مدد ڪن ٿا. ماحوليات جي شاگردن ۽ تحقيق ڪندڙن لاءِ به تمر جا ٻيلا تمام گهڻي دلڪشي رکن ٿا.
- تمر اڏاوتي ۽ ٻارڻ جو ڪاٺ فراهم ڪرڻ سان گڏ ڪوئلن ٺاهڻ جي ڪم به اچي ٿو. ان جي ڪاٺ مان مڇي مارڻ لاءِ مختلف شيون به ٺاهي سگهجن ٿيون. ان جو ٻج ۽ ٻيون شيون وڪرو به ڪري سگهجن ٿيون. ان جي هٽرادو ٻيلن ۾ مڇيون، سانا، سپون ۽ ڪيڪڙا پالي به سگهجن ٿا. آبي ۽ ڪمرشل فشريز جو دارومدار به تمر تي ئي آهي. ان سان گڏ مس ۽ چمڙي جي ڪم ۾ ڪتب ايندڙ ٽئنن ائسڊ، الڪوحل ۽ دوا سازيءَ ۾ به ڪم اچي ٿو.

## خطرا

### تمر جي ماحولي سرشتن کي مکيه خطرا:

گذريل 50 سالن دوران معيار ۽ مقدار جي لحاظ کان پاڪستان جي تمر جي ٻيلن ۾ گهٽتائي ٿيندي رهي آهي. تازي پاڻيءَ جي اڻاٺ، وڌندڙ سامونڊي پاڻيءَ جي غلاظت، مقامي آبادين جو تمر جي ٻيلن مان حد کان وڌيڪ فائدو حاصل ڪرڻ، ڪراچيءَ جي ڪن واپاري طبقن جي غيرقانوني ڪٽائي ۽ سمنڊ جو پاڻڻ ڪجهه اهڙا لاڳاپيل پهلو آهن جن تمر جي ٻيلن کي نقصان پهچايو ۽ تباهه ڪيو آهي. تمر جي ماحولياتي سرشتي کي اهڙن ٻين خطرن ۾ هڪ اهم خطرو حد کان وڌيڪ مڇي مارڻ مان آهي، جيڪو پرڏيهي واپار جون وڌندڙ گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ موجوده ماحولياتي قائدن ۽ قانونن جي پرواهه نه ڪندي ماري وڃي ٿي. اهڙن خطرن سبب تمر جو حساس ماحولي سرشتو سخت ماحولياتي ۽ سماجي دٻاءَ ۾ آهي، جنهن سبب اهڙو ماڳ ۽ منجهس موجود گو ناگو جيوت تباهه، مڇي جي پيداوار گهٽجڻ ۽ سامونڊي ڪنارن سان آباد مقامي آباديون غربت جو شڪار ٿي سگهن ٿيون. تمر جي ماحولي سرشتي کي تباهه ڪندڙ ۽ بگاڙيندڙ مختلف خطرن کي هيٺين قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.



## الف) ٻاهريان سبب

### ٻاهريان مکيه سبب هي آهن:

**(1) سنڌوءَ جي تازي پاڻي ۽ لٽ جو اڻ پورو ۽ بي قاعدي وهڪرو/ڇوڙ:**

انڊس ڊيلٽا جي تمري ماحولي سرشتي جي تباهيءَ جو سڀ کان مکيه سبب، سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ جي گهٽ مقدار جو انڊس ڊيلٽا ۾ ڇوڙ ڪرڻ آهي. ڇاڪاڻ ته، سنڌوءَ جو اوپاريون وهڪرو زراعت، بجلي پيدا ڪرڻ ۽ ٻين ڪيترن مقصدن لاءِ ڦيرايو ويو آهي. پاڻيءَ جي اهڙيءَ گهٽتائيءَ سبب تمر جي پاڻيءَ ۾ 40000 پي پي ايم (PPM) کان وڌيڪ کاراڻ وڌي ويئي آهي، جيڪا تمر جي واڌ لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي. پيو، لَٽُ/ ريج جيڪو غذائي لحاظ کان مالامال ۽ درياءَ رستي متاڻهن زرخيز ماڳن مان وهندو اچي ٿو. ان جو مقدار ۾ به ساليانو 400 ملين في ٽن کان گهٽجي 100 ملين في ٽن ٿي ويو آهي، نتيجي ۾ انڊس ڊيلٽا ۾ باقي بچيل تمر ڇٻو ۽ ننڍو ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته لَٽُ/ ريج نه ملڻ سبب واڌ نه ٿو ڪري سگهي.

**(2) سمنڊ جو پاڻ:**

هڪ اندازي مطابق سمنڊ 67 ڪلو ميٽر زمين ڳائي چڪو آهي. جنهن سبب نه رڳو ڊيلٽا جو زميني ماحولي سرشتو تباهه ٿي ويو آهي ته ڪيترن اهم ماڳن ۽ جوئين کي به متاثر ڪري رهيو آهي. هڪ تازي ڪاٿي موجب، ڊيلٽائي خطي ۾ ماهوار 9 فوٽ کاڌ ٿي رهي آهي. ننڍين کارين (Creeks) ۽ درياءَ جي وهڪرن ۾ ايندڙ تبديلي سبب تمر جي ماڳ ۾ به تبديلي اچي رهي آهي. ڇو ته، هڪ پاسي کان ڪيترا هنڌ تازي پاڻيءَ جي اڻهوند سبب سُڪي رهيا آهن ته ٻئي پاسي هنڌن کي وڌيڪ لٽ ملندو رهي ٿو. نتيجي ۾ اهڙا واضح ٽڪرا وجود ۾ اچي رهيا آهن. کارين جي ڀڪن جي کاڌ سبب، ڀڪن سان ٿيندڙ ساوڪ ۽ وڻڪار پڻ تباهه ٿي وڃي رهي آهي.

**(3) غلاظتي مادا:**

سڄي ملڪ جون اڌ کان مٿي صنعتون ڪراچيءَ ۾ آهن ۽ 70 سيڪڙو کان وڌيڪ بين الاقوامي واپار به هن ئي شهر مان ٿئي ٿو. هڪ رپورٽ موجب، 25 سالن دوران صنعتن جو تعداد 10 هزارن کان وڌي 30 هزارن کي پهتو آهي. هڪ پاسي کان شهر جي تيزيءَ سان وڌندي رهندڙ ۽ ٻئي پاسي کان ڪمزور شهري رٿائن سبب، گهريلو ۽ صنعتي جي نيڪال ۾ بي حساب واڌارو ٿيو آهي. هڪ اندازي موجب تقريباً 37,000 ٽن صنعتي ڪراچيءَ جي سمنڊ ۾ وهايون وڃن ٿيون، جڏهن ته هر سال 20,000 ٽن تيل سمنڊ ڪناري، بندر ۽ اهڙي هنڌ تائين وهي پهچي ٿو جتي مڇي لهي ٿي. انهن کانسواءِ تسمانين (Tasmanian) اسپرٽ آئل جو سمنڊ ۾ وهڻ، اهڙا خطرا آهن جن سبب سڄ پڄ ته هي سڄو ماحولي سرشتو تباهه ٿي سگهي ٿو.

## ب) اندريان سبب

**1) بي حد پيداوار / سهوليتون حاصل ڪرڻ:**

تمر جي ماحولي سرشتي جي تباهيءَ جو هڪ سبب منجهائنس اُپت ڏيندڙ پيداوار کان وڌيڪ سهوليتون حاصل ڪرڻ به آهي. هڪ اندازي موجب ساحلي علائقي سان 135,000 ماڻهو ۽ 20,000 کان مٿي ڪٽنب 162 ڳوٺن ۾ رهن ٿا. اندازا 25 سيڪڙو ڪٽنب پنهنجن گهرن لاءِ رڌ پچاءَ ڪرڻ لاءِ ڪاٺيون ۽ اهڙيون ٻيون ضرورتون تمر مان پوريون ڪن ٿا. (ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان، مئنگروز آف پاڪستان)

**(2) اٺن ۽ مال کي چارڻ**

هڪ ڪاٿي موجب، تقريباً 16,000 اٺ ۽ 3,200 مال چاري طور تمر چري ٿو. جڏهن ته تمر جي ٻيلن ۾ اٺن جو چرڻ ۽ لتاڙ خاص طور تي تمر جي ٻوٽن جي واڌ ۽ ڦوٽهڙي لاءِ گهڻي نقصانڪار سمجهي وڃي ٿي.

**(3) ايل بي او ڊي جي غلاظت جو ڇوڙ**

ايل بي او ڊي (LBDO) خاص ان مقصد لاءِ ٺاهي ويئي هئي ته جيئن پاڻيءَ جي سطح گهٽائي زرعي زمين ٻيهر آباديءَ لائق بڻائي سگهجي. جڏهن ته ايل بي او ڊيءَ رستي کاري پاڻيءَ ۽ ڪلر جو هڪ تمام وڏو مقدار ساحلي کارين ۽ ويٽلئنڊ تائين پهچي هن علائقي جي ڪلر ۾ گهڻو واڌارو ڪيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ تازي ۽ ساموندي پاڻيءَ جي جاندارن سميت تمر ۽ سمنڊ ڪناري سان آباد ماڻهو ۽ سنڌيون تباهه ٿي رهيون آهن.

### سڌا خطرا (انسانن مان)

- تمر جي ٻيلن کي لوڻ حاصل ڪرڻ ۽ مڇيءَ جي تلائن ۾ تبديل ڪرڻ.
- تمر وارن علائقن کي مختلف ترقياتي ڪمن لاءِ استعمال ڪرڻ، جيئن پتڻ، هوائي اڏن ۽ رهائشي علائقن وغيره جي اڏاوت.
- گدلاڻ ۽ ترجي وڃڻ.
- بند ۽ ٻيون اهڙيون اڏاوتون جن جي ڪري جوارن ۽ وڏين



لهرن جو پاڻي پهچي نه سگهي. سمنڊ جو اهو پاڻي گرمي پد ۽ لوڻيات کي ضابطي هيٺ رکڻ سان گڏ وڻن لاءِ خوراڪ جي فراهميءَ جو به ڪارڻ هوندو آهي ۽ مختلف نامياتي مادن کي ڳارڻ ۾ به مدد ڪندو آهي. اهو عمل رڪجي وڃڻ جي ڪري تمر جا وڻ ختم ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن.

- وڻن جو حد کان وڌيڪ استعمال/ واڍي.
- مڇي لاهڻ، سڪائڻ وغيره جي ڪم سميت پيون رڪاوٽون. اٽسڊيون (قدرتي آفتون)
- جيت ۽ بيماريون
- سامونڊي طوفان
- عالمي سطح تي گرمي پد ۾ واڌ جي ڪري سمنڊ سطح جو وڌڻ

## تمر جي تحفظ، انتظام ۽ سارسنڀال بابت حڪمت عمليون

**تمر جي تحفظ، انتظام ۽ سارسنڀال بابت موجوده حڪمت عمليون.**

## انتظام ۽ سارسنڀال بابت صلاحون

**اسين تمر جي انتظام ۽ سارسنڀال لاءِ چار تجويزون پيش ڪندا سين:**

### 1. تمر جي نرسري جو قيام، انتظام ۽ سارسنڀال

تمر جي مختلف قسمن جي نرسرين لاءِ جاءِ جي چونڊ، ڊزائن، عمل ۽ ماهرن انتظام، نرسري جي جاڻ جو استعمال پوکيءَ کان پيداوار تائين مددگار ثابت ٿئي ٿو ۽ بهتر معيار کي يقيني بڻائي ٿو.

### 2. تمر جي وٽڪاريءَ جو قيام، انتظام ۽ سارسنڀال

تمر جي وٽڪاري ۽ پين قدرتي ٻيلن جي موجودگي ساحلي علائقن جي ماحولياتي سرشتي لاءِ لاڀائتي ثابت ٿئي ٿي. هن سلسلي ۾ اسان کي تمر جي وٽڪاريءَ لاءِ جاءِ جي چونڊ، علائقي جي لحاظ کان درست قسمن جي چونڊ، رٿابندي ۽ وٽڪاريءَ جي ڊزائن تي خاص ڌيان ڏيڻو پوندو.

### 3. ڳوٺاڻي سطح تي وٽڪاري جي سارسنڀال جو معاهدو:

حڪومت ۽ مقامي آباديءَ وچ ۾ پيداوار ۾ حصيداريءَ جي معاهدي سان انهن ٻيلن جي ترقي، استعمال، انتظام ۽ تحفظ ۾ تمام گهڻي مدد ملندي ۽ ان سان مقامي آباديءَ کي به فائدو پهچندو. ان کي ڪميونٽي ريسورس مئنيجمينٽ فريم ورڪ (سي آر ايم ايف) سان به جوڙي سگهجي ٿو. سي آر ايم ايف اصل ۾ سي بي ايف ايم اي واري علائقي جي وڻن جي انتظام، سارسنڀال، استعمال ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ جي شرطن ۽ ضابطن تي ٻڌل هڪ معاهدو هوندو جنهن ۾ هر هڪ جي حصيداريءَ جي وضاحت ٿيل هوندي.

### 4. مڇين جي تلائن جي بحالي

تمر جي انتظام ۽ سار سنڀال جو هڪ ٻيو متبادل: سي بي ايف ايم اي وارن علائقن ۾ مڇين، ڪيڪڙن، ڪوڏن ۽ سپن جي خوراڪ ۽ اجهي، ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون وڍڻ، عام ۽ سخت خول وارين مڇين جي فارمن تي لڳايل پابندي تي نظر ثانيءَ جي ضرورت آهي ۽ ان سلسلي ۾ اها حڪمت عملي اختيار ڪري سگهجي ٿي ته ساحلي علائقن ۾ رڳو اهڙا مڇين جا تلاءَ ۽ فارم بحال ڪيا وڃن جن ۾ تمر جي وڻن جي پوکي ڪئي وڃي. ان سان نه رڳو تمر جي وٽڪاري وڌندي پر مڇين جي افزائش ۾ به واڌارو ٿيندو.

## تمر جي وٽڪاري قيام ۽ انتظام

**وٽڪاريءَ جي انتظامي مقصدن جو تعين**

هر قسم جي وٽڪاريءَ جي شروعات کان اڳ ۾ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته ان جي انتظام ۽ سار سنڀال جي مقصدن جي چڱيءَ طرح وضاحت ۽ مقصدن جو تعين ڪيو وڃي. ضروري آهي ته ڳوٺاڻي تنظيم جا مقصد ڪامياب وٽڪاري، عمل ۽ انتظام جي چڱيءَ طرح وضاحت ڪندا هجن. وٽڪاريءَ جي مقصد جو تعين ڪرڻ سان ئي اسين وڻن جي چونڊ، قسم ۽ وٽڪاريءَ جي عمل جو تعين ڪري سگهندا سين.

**تمر جي وٽڪاريءَ جا عام مقصد/ امڪاني فائدا:**

- ٻارڻ جون ڪاٺيون/ ڪوئلو
- ٿنڀ ۽ ٽوڪيون
- چوڏا
- چيرا اڏڻ لاءِ سامان
- ساحلي پٽيءَ جو تحفظ/ ويجهن ساحلي پاڻين جي زرخيزي
- عمارتي ڪاٺ جي پيداوار

توهان جي ڳوٺاڻي تنظيم لاءِ ضروري آهي ته وٽڪاريءَ لاءِ هنڌ ۽ قيام، عمل ۽ انتظام جو فيصلو ڪرڻ کان اڳ هنن سوالن تي ضرور ويچار ڪري:

- ڇا اهو علائقو وٽڪاريءَ جي قيام يا اوسر لاءِ ويچار هيٺ آهي؟





- جيڪڏهن وڻڪاريءَ جي اوسر لاءِ آهي ته ڇا ان جو مقصد پيداوار يا ٻيلن جو تحفظ آهي؟
- ڪهڙي قسم جي پيداوار لاءِ آهي؟
- ٻارڻ جي ڪاٺين يا ڪوئلي لاءِ آهي؟
- ٿنين لاءِ آهي؟
- توڻين لاءِ آهي؟
- ڇوڏن يا نڙن لاءِ آهي؟
- نيپا پيداوار لاءِ آهي؟
- ٻئي ڪنهن استعمال لاءِ آهي؟
- جيڪڏهن تحفظ لاءِ آهي ته ڪهڙي قسم جي وڻڪاريءَ جي تحفظ لاءِ آهي؟
- ساحلي پٽي يا روڊ جي تحفظ لاءِ آهي؟
- گپ يا ڊوڙ کان بچاءُ لاءِ آهي؟
- مڇيءَ جي قدرتي پيداوار جي بچاءُ لاءِ آهي؟

ڳوٺاڻي تنظيم کي اڳتي وڌڻ جو فيصلو انهن سوالن جي جوابن جي بنياد تي ڪرڻو پوندو. ان کان پوءِ اهو طئه ڪريو ته: (1) وڻڪاريءَ جو هنڌ ڪهڙو هجي، (2) ڪهڙي قسم جا ٻوٽا هجن، ۽ (3) وڻڪاريءَ جي رٿابندي ۽ ڊزائن ڪهڙي هجي.

## وڻڪاريءَ جو قيام

### هنڌ جو تعين ۽ چونڊ

گهڻو ڪري وڻڪاريءَ جي ناڪاميءَ جو بنيادي سبب ان لاءِ غلط هنڌ جي چونڊ ئي هوندو آهي. ڪجهه ماڻهن جو اهو خيال هوندو آهي ته هر کليل ميدان، گپ وارن علائقن ۽ سامونڊي گاهه وغيره وارن علائقن ۾ تمر جي وڻڪاري ڪري سگهجي ٿي پر اها سوچ غلط آهي. وڻڪاريءَ لاءِ هنڌ جي چونڊ جي سلسلي ۾ تمام گهڻين شين کي نظر ۾ رکڻو پوندو آهي. هنڌ جي چونڊ جي سلسلي ۾ بنيادي طور تي هنن اهم ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي:

- زمين جي تهن جا قسم
- اڳ ۾ موجود وڻن جا قسم
- سامونڊي گاهه جي موجودگي يا غير موجودگي
- سامونڊي ويرن جي اوچائي
- لهرن جي پهچ
- جيتن جي موجودگي يا غير موجودگي
- علائقي جا مالڪي يا استعمال ڪرڻ جا دعويدار



## زمين جي تهن جا قسم

وڻڪاريءَ جي اوسر لاءِ ضروري آهي ته توهان کي زمين ۽ ان جي تهن بابت مڪمل ڄاڻ هجي ۽ اهو وڻڪاريءَ لاءِ سڀ کان اهم جُز آهي. ضروري آهي ته توهان کي وڻڪاريءَ جي سلسلي ۾ ان جي زرخيزيءَ جو علم هجي. (زمين ۾ ان جون تهون عام طور تي هيٺ ڏنل مان ڪنهن هڪ جون خصوصيتون رکندڙ نه هونديون آهن پر اهي ٻه يا ٻن کان وڌيڪ جو مرڪب ٿي سگهن ٿيون.) زمين جا هي قسم ۽ تهون تمر لاءِ ڪارآمد ٿي سگهن ٿيون:

1. گپ واري زمين: هيءَ بنيادي طور تي نرم ۽ نامياتي ۽ غير نامياتي عنصرن تي ٻڌل هوندي آهي. اهو ممڪن آهي ته گپ جي ته ٻه يا ٽي سينٽي ميٽرن جيتري ٿانگهي يا چند ميٽر اونهي هجي. ٿانگهي گپ ڪاٺ جي پيداوار لاءِ ٿيندڙ وڻڪاريءَ لاءِ مناسب نه هوندي آهي. عام طور تي گپ ڳاڙهي يا ايشيائي ۽ هئيڊي قسم جي تمر لاءِ مناسب سمجهي ويندي آهي. جنهن ۾ (Rhizophora Mucronata: Ceriops Tagal) ٻئي قسم موثر آهن.

هن گپ ۾ ڪنن آنن جهڙي گندي ڊپ به ٿي سگهي ٿي. اهڙين جاين تي وڻڪاريءَ کان پاسو ڪريو ڇاڪاڻ ته اها سخت تيزابيت رکندڙ ٿي سگهي ٿي ۽ ان ۾ وڻن جي سُڪي وڃڻ جو وڌيڪ خطرو هوندو آهي. گپ جون حالتون مختلف ٿي سگهن ٿيون ڪٿي ڪجهه سخت حالت ۾ هوندي آهي جنهن تي ماڻهو هلي سگهي ٿو ته ڪٿي وري ايتري نرم هوندي آهي جو ماڻهو گوڏي تائين گڇي وڃي. نرم گپ وارن علائقن ۾ وڻڪاريءَ کان پاسو ڪريو ڇاڪاڻ ته اتي وڻن جي بقا جو امڪان گهٽ آهي ۽ نتيجي ۾ ڪيل خرچ ضايع ٿيڻ جو به خطرو آهي.

2. پٿريلي زمين: هن کي سخت خول رکندڙ زمين چئي سگهجي ٿو جنهن جا نرم پاڳا انتهائي گهٽ ۽ مختصر هوندا آهن. پٿريلا يا سخت خولدار علائقا ٻيلن جي پيداوار لاءِ به نامناسب سمجهيا ويندا آهن ڇاڪاڻ اها زمين تمام گهٽ زرخيز هوندي آهي. اسان جي ساحلي علائقن جي اهڙي زمين کي مناسب نٿو چئي سگهجي.

3. وارياسي ۽ ريتيلي زمين: هن کان عام طور تي ماڻهو گهٽو واقف آهن. هن ۾ واريءَ يا ريتيءَ جا ذرا هوندا آهن جيڪي عام طور تي 2 ملي ميٽر قطر تائين جا هوندا آهن. هن ۾ ڪو به ذڪر جوڳو نامياتي مرڪب نه هوندو آهي اهو بهرحال ٿي سگهي ٿو ته ان جي مٿان گپ يا ڪاري مٽيءَ جي مختصر ته به هجي. گپ وانگر واريءَ يا ريتيءَ جي ته به 2 يا 3 سينٽي ميٽرن جيتري



تانگهي يا ڪجهه ميٽر اونهي به ٿي سگهي ٿي. جتي اها تهه تانگهي هجي ته اتي وڻڪاريءَ لاءِ اجائي محنت نه ڪرڻ گهرجي. اسان جي ساحلي علائقن جي اهڙي زمين ڪي مناسب نٿو چئي سگهجي.

4. ڪاري مٽي يا ڪک ڪچري واري زمين: ان جي حالت عام طور تي گپ جهڙي ٿي هوندي آهي ۽ فرق رڳو اهو هوندو آهي ته هن ۾ وڻن جي پنن ۽ ڪکن جا پور به شامل هوندا آهن (هن ۾ نامياتي مرڪب گپ کان وڌيڪ هوندا آهن.) هيءَ عام طور تي 10 سينٽي ميٽرن کان ڪجهه ميٽر اونهي ٿي سگهي ٿي. گپ وانگر هن ۾ به ڪنن آڻن جهڙي گندي ڌپ ٿي سگهي ٿي. هن ۾ (Rhizophora Mucronata: Ceriops Tagal)

زمين جي قسم ۽ تهن جي تولهه جي بنياد تي اهو فيصلو ڪري سگهجي ٿو ته ڪهڙو علائقو تمر جي وڻڪاريءَ لاءِ مناسب آهي. اهو ضروري آهي ته تڪڙ ۾ وڻڪاريءَ جو غلط فيصلو ڪرڻ بدران مڪمل چنڊ چاڻ ڪري پوءِ ان سان نهڪندڙ وڻڪاري ڪئي وڃي. اهو ضروري آهي ته سي بي او خاص هنڌن جي سلسلي ۾ لچڪ جو مظاهرو ڪري.

## اڳ ۾ موجود وڻن جا قسم

تمر لڳائڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته پهرين ان هنڌ تي اڳ ۾ موجود وڻن جو جائزو ورتو وڃي. اهو ڏسڻ گهرجي ته ان هنڌ تي اڳ ۾ تمر جا وڻ موجود هئا يا نه ۽ ان جي باري ۾ مقامي ماڻهو ٻڌائي سگهن ٿا ته اتي اڳ ۾ ڪهڙي قسم جا وڻ هئا. وڻن جا اهڙا قسم لڳائڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي جيڪي ان علائقي ۾ نظر نه ايندا هجن. ممڪن آهي ته فطرت اتي وڻڪاريءَ جي ڪوشش ڪئي هجي پر ان ۾ ڪاميابي نه ٿي سگهي هجي.

## ساموڊي گاهه جي موجودگي يا غير موجودگي

گهڻن ماڻهن جي اها راءِ آهي ته ساموڊي گاهه وارا علائقا تمر جي وڻڪاريءَ لاءِ بهتر آهن پر رڳو اهو معاملو به نه آهي. ساموڊي گاهه وارن علائقن ۾ تمر جي وڻڪاري ان ڪري مناسب نه ٿيندي ته انهن علائقن ۾ پيا به گهڻا ساحلي علائقي جا ساهوارا رهن ٿا جن جو جياپو انهن علائقن سان آهي. جيڪڏهن ان علائقي ۾ ڪا تبديلي آندي وئي ته اهي ساهوارا ختم ٿي ويندا. سادن لفظن ۾ ته ڪنهن علائقي ۾ تبديلي آڻڻ ۾ ساحلي علائقن جي بهتري نه آهي.

## ساموڊي ويرن جي اوچائي

زمين جي پرک وانگر وڻڪاريءَ لاءِ ساموڊي ويرن جي اوچائيءَ جي خبر رکڻ به ضروري آهي. اها خبر هجي ته روزانو پاڻيءَ جي سراسري اونهائي ڪيتري رهي ٿي ته ان سان اندازو لڳائي سگهبو ته اتي ڪهڙي قسم جي تمر جي بهتر اوسر ٿي سگهي ٿي. ويرن جي وڌ ۾ وڌ ۽ گهٽ ۾ گهٽ اوچائي معلوم هجڻ گهرجي.

عام طور تي اهو بهتر ٿيندو وڻڪاري تانگهي پاڻي ۽ جوار جي لاٽ وارن ڏينهن ۾ ڪئي وڃي خاص طور تي جڏهن ٻوٽا يا قلم ٻيگهه ۾ ننڍا هجن. اهڙن علائقن ۾ جتي جوار جي لاٽ وارن ڏينهن ۾ به پاڻي 10 سينٽي ميٽر کان اونهو هجي اتي وڏا ۽ ڊگها قلم ۽ ٻوٽا لڳايا وڃن.

سمنڊ جون لهرون مسلسل ساحل کي ٽڪيون ڏينديون يا زور سان ٽڪرائجنديون رهن ٿيون اهڙا هنڌ مناسب نه آهن ۽ خاص طور تي طوفان وارا ڏينهن ته وڻڪاريءَ لاءِ وڌيڪ هاڃيڪار آهن. جيتريقدر ممڪن ٿي سگهي ته اهڙن علائقن ۾ وڻڪاريءَ کان پاسو ڪيو وڃي ۽ بهتر هنڌ ڳوليا وڃن.

## جيتن جي موجودگي يا غير موجودگي

جيت ۽ ٻيا سخت خول وارا جانور ۽ مڇيون جيئن ڪيڪڙا وغيره نئين وڻڪاريءَ کي نقصان پهچائي سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن هنڌ تي اهڙي مخلوق گهڻي تعداد ۾ نظر اچي ته پوءِ ٻي ڪا بهتر جاءِ ڳوليو. هڪ ٻيو جيت آهي جنهن تي عام طور تي کو به ڌيان نه ڏنو ويندو آهي اهو ڪائيءَ جهڙو جارو هوندو آهي. اهو خاص طور تي نئين وڻڪاريءَ کي مڪمل طور تي وڪوڙي ويندو آهي ۽ ٻوٽي جي اوسر رڪجي ويندي آهي. جيڪڏهن ڳوٺاڻي تنظيم تمر جي وڻڪاريءَ لاءِ اهڙي ڪنهن هنڌ جي چونڊ جو فيصلو ڪري ٿي ته انهن شين کان بچاءُ لاءِ ڪين وقفي وقفي سان اپاءَ وٺڻا پوندا.

## علائقي جي مالڪي يا استعمال ڪرڻ جا دعويدار

اهو بهتر ٿيندو ته اهو علائقو اڳ ۾ استعمال ڪندڙن يا مالڪيءَ جي دعوي ڪندڙن سان رابطو ڪيو وڃي. ڪين رٿا بابت مڪمل چاڻ ڏني وڃي ۽ ڪوشش ڪئي وڃي ته هو به ڳوٺاڻي تنظيم ۾ شامل ٿي وڃن ۽ ڪين سي بي ايف ايم اي ۾ به حصيدار بڻايو وڃي. جيڪڏهن ايئن ڪبو ته وڻڪاريءَ لاءِ سندن رضامندي حاصل ڪرڻ ۾ ڪا به ڏکيائي پيش نه ايندي.





اهو ضروري آهي تہ وڻڪاريءَ جي رٿابندي اهڙيءَ طرح ڪئي وڃي جنهن سان مقامي آباديءَ جا آبي رستا بند يا متاثر نہ ٿين. (اهڙن علائقن ۾ تہ ان جي ضرورت ۽ اهميت اڃا بہ وڌي وڃي ٿي جتي مقامي آبادي ڳوٺاڻي تنظيم ۾ شامل نہ هجي.)

ڪامياب وڻڪاريءَ لاءِ هنڌ جي تعين جي سلسلي ۾ گهڻا عنصر آهن جيڪي لاڀائتا ثابت ٿي سگهن ٿا. وڻڪاريءَ لاءِ بهتر هنڌن ۾ شامل آهن:

- آبي تفريح گاهن، ڪارين، ڦاٽن ۽ ڪاري جي چاڙهه ۽ پابندي لڳل ۽ ختم ڪيل مڇي جي تلاءُ ڪان پري ۽ محفوظ
- ڪليل درياهي ميدان
- قدرتي ڦاٽ
- جتاءُ دار گپ وارا ترا ۽ پيٽارن وارا
- سپين ۽ سخت خول وارين مڇين ڪان آجا علائقا
- سڪل ٻنڊن وارا علائقا

## ٻوٽن جي درست قسمن جي چونڊ

ڪامياب وڻڪاريءَ جو سڀ ڪان وڌيڪ دارومدار ٻوٽن جي درست قسمن جي چونڊ تي آهي. اهو ڏسڻ ضروري آهي تہ علائقي، آبهوا ۽ زمين جي حالت جي لحاظ ڪان ڪهڙن قسمن جي ٻوٽن جي وڻڪاري مناسب ٿيندي. (ڀوءِ اها وڻڪاري پئداوار لاءِ هجي يا تحفظ لاءِ.) ٻوٽن جا قسم زميني ۽ آبي صورتحال سان ٺهڪندڙ هجن. ڊگهي مدي جا لاءِ ڪيل رٿابندي بهتر نتيجا ڏئي سگهي ٿي. هاڻي اهو ان ڳوٺاڻي تنظيم تي ڇڏيل آهي تہ اها ڪهڙي قسم جي وڻڪاري ڪرڻ گهري ٿي.

## وڻڪاريءَ جي قيام جا طور طريقا

هنڌ جي تعين کانپوءِ اهو ڏٺو ويندو تہ سماجي، حياتياتي ۽ طبعياتي لحاظ ڪان ڪهڙا فائدا ٿيندا ۽ مقصد ڪهڙا آهن ۽ ان لاءِ ڪهڙا انتظام ڪيا وڃن:

**هنڌ جي تياريءَ جي گهرجن جو تعين:**

گهڻو ڪري وڻڪاريءَ ڪان اڳ ۾ ان جاءِ کي گهربل ڪم لاءِ تيار ڪرڻو پوندو آهي. ان ڪم جي لاءِ مقرر ڪيل شخص کي گهرجي تہ هو سڀ ڪان پهرين سمورو علائقو گهمي ڏسي تہ اتي ڪهڙو ڪهڙو ڪم ڪرائڻو پوندو. ان ۾ زيرآب زمين تي موجود جارو ۽ ٻيو گند ڪچرو صاف ڪرڻ، وڻن جا سڪل ٽڙ ۽ ٻنڊ ڪيڻ ۽ ٻيو لوس ڪچرو صاف ڪرائڻو پئجي سگهي ٿو. ان مرحلي تي اهو تعين لازمي هوندو تہ ڪهڙو ڪم ڪرائڻو پوندو ۽ ان ۾ ڪيترو وقت لڳندو. ڪم ۾ جيترو وڌيڪ وقت لڳندو ايترو وڻڪاري شروع ڪرڻ ۾ دير ٿيندي.

**وڻڪاريءَ جي ترتيب، علائقو ۽ وڇوٽي:**

جڏهن ڪو ماهر شخص ان جاءِ جو معائنو ڪندو تہ هو ڪاٿو لڳائي وٺندو تہ بلاڪ جي سائيز ڪيتري هجي ۽ ان جي بہ خبر پئجي ويندي تہ ڪيتي ماڻهو يا پيڙيون سولائي سان پهچي سگهن ٿيون. ان سان سموري جاءِ جو خاڪو تيار ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

**ترتيبوار وڻڪاريءَ لاءِ ڪيترائي طريقا استعمال ڪري سگهجن ٿا:**

- ابتي V جي شڪل ۾ وڻڪاري: تہ جيئن سمنڊ جي لهرن جو زور گهٽائي سگهجي. ان لاءِ وڇوٽي 0.5 ميٽر مناسب رهندي.
- ڪيوبا ۾ وڻڪاري ٽڪنڊي جي شڪل ۾ ڪئي وئي جنهن جي هڪ ڪنڊ جو رخ سمنڊ ڏانهن هو. وڇوٽي هڪ ميٽر ڪان گهٽ رکي وئي.
- جهڳٽن جي شڪل ۾ وڻڪاري: اهو تجربو ٻوهول ۾ ڪيو ويو، ٻين علائقن ۾ بہ ان تي عمل ڪري سگهجي ٿو. ٻوٽن جي وڌ ڪان وڌ بقا لاءِ وڇوٽي گهٽائي وئي (اها 25 x 25 سينٽي ميٽر هئي.) 3- 5 سالن ڪان پوءِ جڏهن اهو جهڳٽو مڪمل طور تي اسري آيو تڏهن انهن جي جهڳٽن جي ٻوٽن علائقي جي مناسبت سان وڇوٽي وڌائي وئي. اهي جهڳٽا علائقي جي تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ لڳا.
- سڌي پٽيءَ ۾ وڻڪاريءَ لاءِ بہ ساڳئي اصول تي عمل ڪيو وڃي ٿو (150 or 100 x 20 or 10 ميٽر) ڪناري ڪان 100-200 ميٽر پري گهٽ وڇوٽيءَ سان ٽيل وڻڪاري تيز لهرن کي روڪڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي. هڪ ڀيرو اها مڪمل ٿي وڃي تہ ان ڪان پوءِ پٽين جي وچ وارين خالي جاين ۾ وڌيڪ وڇوٽيءَ سان وڻڪاري ڪري سگهجي ٿي.

## پيجاري وچ ۾ وڇوٽيون

هڪ چورس ميٽر ۾ هڪ ڪان 16 ٻوٽا ٻوکي سگهجن ٿا. وڇوٽي جيتري گهٽ هوندي ايترو ئي پيجاري ۾ لهرن جو زور سهڻ جي طاقت وڌيڪ هوندي. ڊي اِي اين آر موجب هڪ چورس ميٽر ۾ چار ٻوٽا لڳايا وڃن تہ بهتر ٿيندو پر ان جي ابتڙ مقامي روايتون



وچوٽي گهٽ رکڻ تي زور ڀرين ٿيون (0.25 x 0.25 centimeter) عام طور تي وڏيڪ وچوٽي ان وقت تجويز ڪئي ويندي آهي جڏهن وڏا وڻ گهربل هجن. وڏيڪ وچوٽي ٻوٽن کي خوراڪ ۽ سج جي گهربل روشني حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي. وچوٽيءَ جو تعين ڪرڻ کان اڳ ۾ اهو ڏسڻ ضروري آهي ته توهان جي ٻيجاري جون ڪهڙيون ضرورتون آهن ۽ توهان ڪهڙي قسم جي وٹڪاري ڪرڻ چاهيو ٿا.

## نقشا ۽ خاڪا

خاڪن جي شڪل ۾ جوڙيل نقشا توهان جي رٿا لاءِ ڪرنگهي جي هڏيءَ جو ڪم ڪن ٿا. جيڪڏهن اهي درست ماپ تي ٻڌل نه به هجن تڏهن به ايترو ضرور هجي ته اهي بلاڪن جي وچ وارن رستن جي واضح نشاندهي ڪندا هجن، بلاڪن ۽ وچوٽي کي ظاهر ڪندڙ هجن.

## رٿا تي عمل

رٿابنديءَ کان پوءِ ان تي عمل ۽ وٹڪاريءَ جو اهم مرحلو شروع ٿئي ٿو. ان جي گهرجن جا ڪجهه مثال هتي پيش ڪجن ٿا:

## علائقي جي صفائي يا برشنگ

**برشنگ مختلف طريقن سان ڪري سگهجي ٿي:**

مڪمل برشنگ: علائقي جي تري ۾ ايريل سموري اوپڙ جي صفائي ٿي وڃي ٿي. جتي تري ۾ وڏيڪ اوپڙ هوندي آهي اتي هيءُ عمل تمام ڏکيو ۽ محنت طلب هوندو آهي ۽ عام طور تي اهو غير ضروري هوندو آهي.

پٽين ۾ برشنگ: هن سان اڳ ۾ طئه ڪيل پٽين جي زير آب صفائي ٿي وڃي ٿي ۽ عام طور تي انهن پٽين جي ويڪر هڪ ميٽر هوندي آهي. انهن پٽين جو تعداد توهان جي رٿا واري علائقي سان جڙيل هوندو آهي ۽ وٹڪاريءَ جي سارسنڀال ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي.

خاص هنڌن جي برشنگ: هن سان طئه ڪيل هنڌ جي هڪ ميٽر قطر واري علائقي جي زيرآب صفائي ڪئي ويندي آهي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ميٽر جي اوچائيءَ وارو سمورو گند گاهه صاف ڪيو وڃي ته جيئن ٻيجاري جي درست نموني سارسنڀال ڪري سگهجي جيستائين اهو سگهارو ٿئي. برشنگ جي ٽنهي طريقن ۾ هيءُ سڀ کان آسان طريقو آهي.



1. جيڪڏهن علائقي ۾ سخت ڏانڀن وارو گاهه هجي ته پوءِ ان جي صفائيءَ لاءِ مضبوط بولو رڇ يا ڪوڏر استعمال ڪريو ۽ پاڙون به ڪڍي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته رڳو مٿان ڪٽي ڇڏڻ ڪافي نه ٿيندو جيڪڏهن پاڙون رهجي ويون ته پيهر صفائي ڪرڻي پوندي. جيئن ته علائقي جي وسعت وڏيڪ آهي ان ڪري خاص هنڌن جي برشنگ تي گهٽ ۾ گهٽ محنت ٿيندي ۽ پوءِ به ٻيجاري جي اوسر بهتر ٿي ٿيندي.
2. جيڪڏهن اهو ٻنڀن يا اوڏارن وارو علائقو آهي ته انهن کي ڪيڙو پوندو (شاخون وغيره) ڪڍي ڇڏڻ ٿي بهتر ٿيندو نه ته ڪم ۾ رنڊڪ ٿيندي.
3. جيڪڏهن علائقي ۾ چارو، وليون ۽ ٻيو گاهه وڏيڪ آهي ته ان جي مڪمل صفائي ضروري آهي.
4. وٹڪاريءَ جي بهتر اوسر لاءِ ضروري آهي ته سڪل شاخون چانگي ڇڏجن ۽ سڪل ٻوٽا ڪڍي ڇڏجن ته جيئن انهن جي جاءِ تي نئون ٻيجارو لڳائي سگهجي.
5. مڇيءَ جي تلائن جا بند ڀڄي پاٽيءَ جي وهڪري جا لاءِ رستا ٺاهي ڇڏڻ گهرجن.
6. آخر ۾ اهو ته ٻيجارو يا ڇڪيون لڳائڻ شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ اونها کڏا کوٽيا وڃن ته جيئن انهن ۾ وٹڪاري ڪري سگهجي. اهي کڏا ايترا اونها ضرور هجن جن جي اندر ٻوٽن جون پاڙون ڍڪجي وڃن. سمنڊ جي رخ تي جوار يا وِير جي لاٽ وارن ڏينهن ۾ وٹڪاري شروع ڪجي.

بهرحال اهو درست آهي ته هتي ڏنل فهرست ۾ سموريون شيون اچي نه سگهيون هونديون پر پوءِ به هن مان ڳوناٽي تنظيم کي بهتر رهنمائي ضرور حاصل ٿيندي ۽ اها ڪوشش به ڪئي وئي آهي.

## وٹڪاري

وٹڪاريءَ جا ڪيترائي طريقا آهن. بهتر طريقي جي چونڊ مقصد ۽ ٻوٽن جي دستياب قسمن جي بنياد تي ٿي ڪري سگهجي ٿي ته ٻج، ٻيجارو، ڇڪيون، اوڏ يا قلم لڳائجن.

سڌي وٹڪاري: ڳاڙهي يا ايشيائي تمر ۽ پيلي يا هئيڊي قسم جي تمر جي ڇڪين يا اوڏ جي شڪل ۾ زمين ۾ سڌي وٹڪاري ڪري سگهجي ٿي.

ڪونڊين ۾ ٻيجارو: هيءُ طريقو نرسرين ۾ اهڙي قسم جي وڻن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي جن جا ٻج سنهڙا هوندا آهن ۽ انهن جي سڌي پوکي نٿي ڪري سگهجي. ان لاءِ اهو بهتر هوندو ته پوکيءَ لاءِ اهڙي مٽي استعمال ڪئي وڃي جيڪا وڏيڪ زرخيز هجي ۽ ٻوٽا پنهنجي اصل هنڌ تي منتقل ڪرڻ تائين ان ۾ بهتر



نموني اسري سگهن. ان قسم جي وڻڪاريءَ تي عام طور تي وڏيڪ خرچ اچي ٿو.

چڪيون يا اوڏ: جڏهن ٻج يا سلا گهٽ تعداد ۾ هجن ته هيءُ طريقو اختيار ڪيو ويندو آهي. منتقل ڪرڻ وقت ان جو سخت خيال رکيو وڃي ته وڻن جون پاڙون متاثر نه ٿين ۽ انهن تان مٽي لهي نه وڃي.

## وڻڪاريءَ جي نظرداري ۽ سارسنڀال

**ٻوٽي جي نظرداري ۽ سارسنڀال ان جي عمر جي لحاظ کان مرحليوار ڪئي ويندي آهي. ان جا اهم مرحلا هي آهن:**

- نئين مورندڙ عام وڻن وانگر تمر جي وڻڪاري جو به شروعاتي ٻن سالن تائين مڪمل خيال رکيو ويندو آهي ۽ ٻوٽي جي اوسر تي ڀرپور ڌيان ڏنو ويندو آهي.
- عام طور تي ٽئين يا چوٿين سال ۾ نظرداري ڪجهه گهٽ ڪئي ويندي آهي.
- پنجين سال ۾ وري به سخت نظرداريءَ جي ضرورت پوندي آهي ڇاڪاڻ ته هيءُ اهو وقت هوندو آهي جڏهن پنهنجي مقصد کي نظر ۾ رکندي ٻوٽن ڇانگڻ جو مرحلو شروع ٿيندو آهي.
- ڇهين کان چوڏهين سال تائين سارسنڀال جي گهٽ ضرورت پوندي آهي. ٻوٽن جا اهي قسم جيڪي جوان ٿيڻ ۾ گهٽو وقت وٺندا آهن سي به ان عرصي ۾ اسري چڪا هوندا آهن. ڪجهه خاص قسم جا ٻوٽا عام طور تي 10 هين کان 20 هين سال تائين پنهنجي اوسر مڪمل ڪري چڪا هوندا آهن. خاص طور تي پندرهين سال ۾ ڇانگڻ جو ٻيو مرحلو شروع ڪيو ويندو آهي. (اها ڇانگ ڳوناٽي تنظيم جي ضرورتن ۽ وڻن جي اوسر کي نظر ۾ رکندي ڏهين کان پندرهين سال تائين ڪئي ويندي آهي.)
- سورهين کان اوٽيهون اهڙا سال هوندا آهن جن ۾ سارسنڀال بس نالي ماتر وڃي بچندي آهي.
- ويهين کان پنجويهين سال ۾ وڻڪاري پنهنجي مقصدن جي حاصلات لاءِ تيار هوندي آهي ۽ جيڪڏهن ٻوٽي مان ٻوٽو حاصل ڪرڻ جي بنياد تي پوکي ڪئي وئي آهي ته نوان ٻوٽا حاصل ڪرڻ جو به اهو وقت هوندو آهي.

## ابتدائي سالن ۾ سارسنڀال جون سرگرميون

**عام طور تي ننڍڙن ٻوٽن جي سارسنڀال ۾ هي ڳالهيون شامل آهن:**

- مسلسل نظرداري (روزانو يا هر ٻئي ڏينهن تي)
- گند گاهه جي صفائي
- واڙ يا لوڙهي جي مرمت
- سخت خولدار مڇين ۽ ٻين جيتن کان بچاءُ
- ڪمزور يا سڪل ٻوٽا ڪيڻ ۽ ان جي جاءِ تي نئين پوکي
- مسلسل نظرداريءَ جو مطلب آهي ته وڻڪاريءَ جو هر لحاظ کان خيال رکيو وڃي ۽ روزانو ڪرڻ وارا سمورا ڪم جلد مڪمل ڪيا وڃن. جيڪڏهن وڻڪاريءَ واري علائقي ۾ سمنڊ جي لهرن تي لڙهي ڪو گند ڪچرو اچي ويو هجي يا سمنڊ جي گجي گهڻي مقدار ۾ ترندڙ يا گڏ تيل نظر اچي ته ترت صاف ڪري ڇڏجي. اهڙي هر قسم جي ڪچري تي نظر رکي وڃي جنهن سان وڻڪاريءَ کي نقصان پهچڻ جو امڪان هجي.
- گهٽ ۾ گهٽ هر ٻئي ڏينهن تي چڪر ضرور لڳايو وڃي ۽ سڀ کان وڏيڪ بهتر ته اهو ٿيندو اوهين روزانو چڪر لڳائڻ کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو.

تمر جي وڻن جي سڪي وڃڻ يا نه ٿيڻ جو هڪ عام سبب اهو آهي ته عام طور تي قلم جو اڌ کان وڏيڪ حصو زمين اندر لڳايو ويندو آهي ۽ ان لاءِ اها وضاحت پيش ڪئي ويندي آهي ته سمنڊ جي لهرن جي زور تي نڪري وڃڻ جي خطري جي ڪري ائين ڪيو وڃي ٿو پر اهو غلط آهي. بهتر اهو ٿيندو ته قلم جي تحفظ لاءِ ٻيا مناسب طريقا اختيار ڪيا وڃن. عام طور تي اهو اصول بهتر سمجهيو وڃي ٿو ته قلم جو ٽيون حصو زمين اندر هجي ۽ باقي ٻه حصا ٻاهر هجن ته جيئن سج جي روشنيءَ جي مدد سان پاڙون تڪڙيون نڪري سگهن.







SRO

30, Opposite Pakistan Steel Conoly Ghulamullah Road, Makli-Thatta
Website: www.sindhradiant.org Email: sindhradiantorg@live.com
Twitter: @sindhradiant Land Line # 0298-770255